# منگھارام ملڪاڻي

# Mangharam Malkani

اي. جي. اُتم



ڀارتي
ساهت جا
اڏيندڙ

ڀارتي ساهت جا اڏيندڙ

# منگهارام ملڪاڻي

ليک:
اي. جي. اُتم

# Mangharam Malkani

Monograph by A. J. Uttam

ساهتيہ اڪاديمي
نئين دهلي

# فهرست


| باب | صفحو |
| --- | --- |
| ١- ٻالپڻ ۽ اسڪولي جيون | ١ |
| ٢- جواني ۽ ڪاليجي جيون | ٧ |
| ٣- زمينداريءَ جو دؤر | ١٢ |
| ٤- گرديو ٽئگور سان گڏجاڻي | ١٦ |
| ٥- پروفيسري جيون | ٢٣ |
| ٦- ناٽڪ ۽ فلم اداڪار | ٢٨ |
| ٧- جديد ايڪانڪيءَ جو جنم داتا | ٣٣ |
| ٨- ناٽڪن جي مجموعن جي سمالوچنا | ٣٧ |
| ٩- تنقيد نگار ۽ تاريخ نويس | ٤٨ |
| ١٠- سفرناما، سمرتيون ۽ لطماڻو نثر | ٥٦ |
| ١١- سنڌيت جي هلچل جو رهبر | ٦٤ |
| ١٢- اعليٰ شخصيت | ٧٢ |

آرٽس سيڪشن ۾ داخل ٿيو. سندس پتا آڏارام شيوڪرام ۽ ١٨٨٦-١٨٨٧ع ۾ شروع ٿيل ھن ڪاليج جي ٻھرين شاگردن مان ھڪ ھو. پروفيسر ملڪاڻي مئٽرڪ ۾ سڄي سنڌ ۾ ڇوٿون نمبر آيو ۽ پنھنجي اسڪول ۾ انگريزي ۽ تاريخ جي وشين ۾ پھرين نمبر بيٺو ھو، جنھن لاءِ مليل العام جي ٢٥ رپين مان ١٧ ڪتاب خريد ڪري اچي پنھنجي گھرو لئبرري ٺاھيائين، جيڪا روزانو نون ۽ جھونن ڪتابن سان سينگارڻ جو شغل، پروفيسر، آخرين وقت تائين قائم رکيو.

ڪيس رڳو پنهنجيءَ ملڪيت جو حصو ڏنائين جو سندس نالي بئنڪ ۾ رکيو هئائين. هن انهي جي شادي به سندن پسنديءَ موجب ڪرائي ۽ نه جيئن سندس پيءُ پنهنجي مرضيءَ موجب پروفيسر جي شادي ڪرائي هئي. پنهنجن ٻارن جون شاديون ورهاڱي بعد ممبئيءَ لڏي اچڻ تي ڪرايون هئائين.

ان زماني ۾ جيتوڻيڪ جوان ننڍي هوندي شاديون ڪندا هئا ته به جڏهن مسٽر ملڪاڻي، ڪاليج تعليم وچ ۾ شادي ڪئي ته سندس پياري استاد پروفيسر صاحبسنگهه شاهاڻيءَ ڪيس پوري ڪلاس ۾ مبارڪون ڏيندي مهڻو به ڏنو هو ته "جلدئي ٻارڪي گهر- گرهستي بڻائي ڇڏيئه."

ليڪن پروفيسر شادي ڪرڻ کان پوءِ به پنهنجي ڪاليجي سرگرمين کي ڌهرم رسائڻ نه ڏني. اسڪول وانگر ڪاليج ۾ به تعليم سان گڏ راند روند، راڳ- ناٽڪ ۽ ساهت رچڻ ۾، هن ٻارڪي مشغول رکيو. ڪاليج ۾ ڪرڪيٽ بدران ٽينس ۾ جلوو ڏيکاريائين. اصل چئمپين مڃيو ويو. ڪاليج ناٽڪ- منڊليءَ جو به سيڪريٽري ٿيو. مرزا قليچ بيگ جي ناٽڪ "ليکي بدي" ۾ شوخ طبع واري هيروئن جو زنانو پارٽ ڪرڻ لاءِ مليس. شاهه عبداللطيف جي بيتن کان متاثر ٿي، سنڌيءَ ۾ بيت به لکڻ شروع ڪيائين. پر هن جي ادبي ۽ ناٽڪي زندگي، تعليم ختم ٿيڻ بعد ئي سچي ۽ صحيح معنيٰ ۾ شروع ٿيڻ چئجي.

ناٽڪ منڊلي سنڌي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ هڪ حد-
نشان ليکجي ٿي. ان پنهنجي ١٥-١٦ سالن جي عرصي ۾
٢٥-٣٠ وڏا جديد حقيقت نگاريءَ وارا گنڀير سماجڪ،
آرٿڪ ۽ راجنيتڪ اُديش وارا (جن مان اڌ کان مٿي اصلي
هئا) ناٽڪ پيش ڪرڻ جو يگانو ڪارنامو ادا ڪيو. انهن
مان ٿورا پروفيسر جا ۽ گهڻا درياڻيءَ جا هئا. پروفيسر
ملڪاڻيءَ انهن مان ڪيترن جي اداڪاري ڪئي ته ڪن
جي هدايتڪاري. گرو گيان ۽ گر مهتو وڻڻ کانپوءِ ته پروفيسر
جديد ايڪانڪيءَ جو باني بڻجي پيو.

باب (٦)

# ناٽڪ ۽ فلم اداڪار

پروفيسر ملڪاڻيءَ کي ننڍي هوندي کان ئي ناٽڪ-ڪلا جي ڏات مليل هئي. اسڪولي ٽوڙي ڪاليجي زماني ۾ مکيه پارٽ کڻي ناٽڪ- اداڪاريءَ ۾ نالو ڪڍيائين. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ به سنڌي اسٽيج کي اوچ ڏيندڙ ناٽڪ-هدايتڪار ۽ ناٽڪ منڊليءَ جو هڪ ٿنڀو بڻيو. ان ڏس ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ان وقت آيل گرديو ٽئگور اڳيان پيش ڪيل ڇهڙن ۾ ملڪاڻيءَ جي ڏيکاريل اداڪاريءَ ۽ هدايتڪاريءَ جي، هن طرفان ڪيل سندس قدرشناسيءَ ۽ تعريف ڏاڍو اتساهت ڪيس. ان جو ذڪر اڳ ئي ڪيو ويو آهي.

هاڻي پروفيسر راهندراڻيءَ ناٽڪ منڊليءَ لاءِ وڏا تفصلا ناٽڪ لکڻ شروع ڪيا. پهريون ناٽڪ "قسمت" ١٩٢٧ ۾ لکيائين، جو هڪ انگريزي ليکڪ ناٻلاڪ جي ناٽڪ جو ترجمو هو. ٻيو عبراني ليکڪ زنگول جو الٿو "ايڪتا جو آلاپ" نالي لکيائين. ٽيون اصلوڪو ناٽڪ "ڪن جي خطا" هوس ۽ چوٿون هوس اتهاسڪ ناٽڪ "انارڪلي".

هي چارئي ناٽڪ اسٽيج تي آيل هئا. انهن مان ٻيون ۽ ٽيون ناٽڪ ته ڪامياب به ويا هئا ته بهترين هئڻ ڪري انعام به کٽيا هئائون. "ايڪتا جو آلاپ" ذات پات ۽ ڇوت ڇات جي ڀيد ڀاو خلاف قومي ناٽڪ هو. "ڪن جي خطا" وري ڪنواري ماءُ جي ٻرندڙ مسئلي تي انهين زماني جو

زندگيءَ جي احوال ۾ خاص دلچسپي وٺندو هو. ايڏي فلمي
شوق هوندي به پروفيسر جا پير فلمي دنيا ۾ نه ٽڪيا ۽
هو پنهنجي ماڳ موٽي آيو. خانچند درياڻيءَ جي فلمي دنيا
۾ وڃڻ ڪري سنڌي ناٽڪڪاريءَ ۾ خال پيدا ٿيو هو،
تنهن کي پروفيسر پُرڻ جي ڪوشش ڪئي.

حقيقت ۾ اها سنڌي ساهت، سنڌيت ۽ خاص ڪري
جديد سنڌي ايڪانڪيءَ جي خوشنصيبي هئي، جو پروفيسر
فلمي مهاڄار ۾ نه ڦاٿو، جنهن لڳ ڀڳ ان ساڳئي وقت، ڀارت
جي جديد هندي ڪهاڻي ۽ ناول جو جنمداتا منشي پريمچند
بمبئيءَ جي فلمي چڪر مان اصل پاڻ ڇڏائي پنهنجي ڳوٺ
پهچي آيو هو. جنهن منشي پريمچند ان کان پوءِ "گئودان"
ناول ۽ "ڪفن" ڪهاڻيءَ جهڙيون شاهڪار رچنائون هندي
جڳت کي ڏنيون، تنهن پروفيسر ملڪاڻيءَ به "ٻئٺي" جهڙو
هڪ بهترين ناٽڪ ۽ "اِي ڀارتي" جهڙو هڪ شاهڪار مذاقي
ايڪانڪي، سنڌي سنسار کي ڏنو.

جو لکيل هي ناٽڪ اڄ به نئون نڪور و پيو لڳي ۽ اسان جي ملڪ جي اڄوڪيءَ حالت جي به خوبي ترجماني ٿو ڪري.

آخر ۾ الٿو ڪيل ناٽڪ ”دلسوز داستان“ ۽ ”ٻي جوڙ ٻنڌن“ به هن مجموعي ۾ ڏنل آهن. پهريون، شيڪسپيئر جي ”مڊ سمر نائيٽس ڊريم“ جي آڌار تي لکيل ڇهوٽي قسم جي ناٽڪ ڪاريءَ تي مذاقي طنز آهي. ٻيو وري ٻيلجم جي ناٽڪ نويس ”ميٽرلنڪ“ جي ناٽڪ جي آڌار تي لکيل آهي. ليڪن اهي ٻئي ٻين ناٽڪن وانگر حقيقت نگاريءَ وارا نه هئڻ ڪري انهن وانگر اثردار ۽ دلچسپ نٿا لڳن.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي اصولن ايڪانڪين جي هن مختصر سمالوچنا مان پڌرو آهي ته سندس ناٽڪ نه صرف زندگيءَ ۽ سماج جا، پر انسان جا ڀانت ڀانت روپ پسائين ٿا، جيڪي ڪٿي حقيقي آهن ته ڪٿي باغي آهن، ته ڪٿي انسانيت پسند ته ڪٿي ترقي پسند آهن.

بدلي بازيءَ، تنگدلي يا تعصب کان آجو آهي. هن ”اُدبي اصول“ ڪتاب ۾ تنقيد جا مٿا سمجهائيندي صاف لکيو آهي ته ”نڪته چين کي مصنف ڏانهن هڪ منصف وانگر ديانتداري ۽ بي رعايتي ڏيکارڻي آهي.“ ”پروفيسر جي مٿين ٻنهي مجموعن ”ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو“ ۽ ”ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سمالوچنا“ جي پرک اِن ڪسوٽيءَ تي پوري اُتري اچي ٿي. انڪري اهي نه رڳو عام پاٺڪن لاءِ، پر اديبن ۽ عالمن لاءِ پڻ اهم آهن.

نهايت عمديءَ عبارت ۾ ۽ ننڍين ننڍين جملن واري رنگين ۽ روچڪ ٻوليءَ ۾ ڏنل آهن. ڪٿي ڪٿي ته اهڙيون سهڻيون تشبيهون آهن ۽ خوبصورت تصوير ڪشي ڪيل آهي جو دل جي جذبن وارا نظارا اصل اکين آڏو اچي ٿا بيهن. جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي نظم جي مڌرتا جي ڪمي ڪٽڪي ٿي ۽ نثر جي سرلتا جي زيادتي ڪائي ٿي. باوجود ان جي نظماڻي نثر جو هي ڳٽڪو سنڌي ساهت جو هڪ سهڻو ڳهڻو آهي.

## باب (۱۱)

# سنڌيت جي هلچل جو رهبر

ڀارت ۾ ورهاڱي کان پوءِ وارو دؤر سنڌي ساهت لاءِ هڪ سونهري دور ليکجي ٿو. هن ننڍي دور ۾ اسان جي ساهت جي هر ڪنهن شاخ، ورهاڱي کان اڳ واري وڏي دور کان به گهڻي ترقي ڪئي آهي. ان بينظير ترقيءَ جي ناٽڪ ۾ هڪ بزرگ اديب جنهن گويا ناٽڪ جو رول ادا ڪيو، سو هو پروفيسر منگهارام اڌارام ملڪاڻي. هن نه صرف پاڻ ساهت سرجيو، پر ٻين ليکڪن کي به همٿايو ته نون نون ساهتڪارن کي سنئين دڳ لڳائڻ لاءِ به اُدم ڪيو. ليڪن ان سڀ کان وڌيڪ پروفيسر، سنڌي ساهت ۽ سنڌيت-هلچل جو هڪ رهبر طور ڪم ڪيو.

اها هلچل بمبئيءَ جي سنڌي ساهت منڊل طرفان شروع ٿي هئي. اها ڀارت ۾ سنڌي ليکڪن جي پهرين ساهتڪ ۽ سڀيتڪ سنسٿا هئي. اها ترقي پسند اديبن ۽ پروفيسر ملڪاڻيءَ ۽ ڪن ٻين گڏجي جنوري ۱۹۴۹ ۾ برپا ڪئي. پروفيسر ان جو جنم داتا پريزيڊنٽ ٿيو. منڊل ۾ الڳ الڳ اديبن کي يڪشمت ڪرڻ جي هنجي رهنمائي ڏسي کيس هر سال پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. جڏهن ۱۹۶۲ع ۾ هو ڪاليج مان رٽائر ڪرڻ تي ڪلڪتي وڃي رهيو ته منڊل ٽورن سالن ۾ ئي بند ٿي ويو.

پروفيسر جي پرڌانپڻي هيٺ منڊل ۱۴ سالن تائين سنڌي ساهتڪ ۽ سڀيتڪ سرگرمين جو مکيه مرڪز رهيو. منڊل

ڪهاڻي نه لکي هئي، جنهن پنهنجيءَ پاڻيءَ مسز ريتا شهاڻيءَ کي ديهانت کان صرف هڪ مهنو اڳ، ڪيل روح رهاڻ ۾ ٻڌايو هئائين. هوءَ لکي ٿي، ”مون پڇيو مانس، توهان پنهنجي جيون - ڪٿا ڇو نه لکي؟ جواب ڏنائين: گهڻن ئي ماڻهن مون کي چيو ته لک ۽ مان لکي سگهان ها، پر ڪاهلي ڪيم. خبر اٿيئي، مون چار دفعا پيار ڪيو هو! تڏهن محسوس ڪيم ته دادا جي زندگيءَ جو اهم پهلو پيار ئي هو.“ *

واقعي پروفيسر جي شخصيت کي دلڪش بڻائڻ ۾ پيار برابر اهم رول ادا ڪيو هو. ليڪن هن جو اول ۽ آخرين پيار پڙهڻ سان هو، ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون ڪتابن جي ورقن ورائڻ سان هو. عجب ته اهو جو جيڪي به ڪتاب وٺندو هو ۽ جيڪي به وٽس ايندا هئا، سي سڀ نه رڳو پڙهندو هو، پر انهن تي نشان به ڪري پنهنجا تاثر لکي ڇڏيندو هو. ڪيترائي دفعا ليکڪن کي پنهنجا اهي تاثر لکي به موڪليندو هو ۽ ڪي وري سمالوچنا ۽ آلوچنا جي روپ ۾ ڇپائيندو هو. پروفيسر انهن ۾ خوبين جو جيڪڏهن کليءَ دل سان داد ڏيندو ته خامين کي به صفا نظر انداز نه ڪندو هو.

اصل ۾ پروفيسر کي ڪتابن صحيح نموني ڪتب آڻڻ جي ڪلا هئي. هو انهن مان آنند ۽ گيان پاڻ به پراپت ڪندو هو ته اهو ٻين سان به ونڊيندو هو. سچ ته هن جيون جو پورو پورو آنند ماڻڻ ٿي چاهيو. ريتا شهاڻيءَ ان سلسلي ۾ لکي ٿي ته ”هڪ دفعو مون کيس (ملڪاڻيءَ کي) ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ کي چوندو ٻڌو ته، مان هنن لذيذ علتن (سگريٽ ۽ وسڪي) کي ڇڏي نه ٿو سگهان. انهن مان لذت وٺي، مٿان گوريون کائي سمهي پوندو آهيان.“ *

* رچنا، ٽماهي مخزن، جنوري - مارچ ١٩٨٢

ان سان ڪبي آهي، جو مرڻ وارو هوندو آهي. مان مرڻ
وارو ٿورو ئي آهيان.“ *

۽ سچ پچ پروفيسر منگهارام اڌارام ملڪاڻيءَ جهڙي اعليٰ شخصيت ۽ اديبي هستي ڪڏهن به مرڻ واري ڪانهي. هي سڪ - درسي سپوت، سنڌي جاتيءَ جو سدائين لاءِ روشن منار ٿي رهندو.

---

* رچنا، ٽماهي مخزن، جنوري - مارچ ١٩٨٢

# پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ

# جا سنڌيءَ ۾ ڪتاب

١- گم ٿيل صندوقڙي (ناول - ترجمو) ١٩٢٤ع

٢- قسمت (الف ليليٰ ناٽڪ - ترجمو) ١٩٢٦

٣- ايڪتا جو آلاپ (وڏو قومي ناٽڪ - ترجمو) ١٩٢٩

٤- ڪن جي خطا (وڏو ٻهگتي ناٽڪ - اصلوڪو) ١٩٣٠

٥- انارڪلي (وڏو تاريخي ناٽڪ) ١٩٣٠

٦- پنج ننڍڙا ناٽڪ (چونڊ ايڪانڪي) ١٩٣٧

٧- ٻهگتي پردا (چونڊ ايڪانڪي) ١٩٣٨

٨- پريت جا گيت (ٽئگور تان ترجمو) ١٩٤٠

٩- گيتانجلي ( ” ” ” ) ١٩٤٢

١٠- ادبي اصول (ادبي ۽ تنقيدي مضمون) ١٩٥٠

١١- جيون ڇهڇٽا (چونڊ ايڪانڪي) ١٩٥٧

١٢- پاپ ڪين پڇ؟ ( ” ” ) ١٩٦٢

١٣- پڇمي ياترا (آمريڪا جو سفرنامو) ١٩٦٣

١٤- ڪڙڪيبتا پيا ٺمڪن (چونڊ ايڪانڪي) ١٩٦٧

١٥- سنڌي نثر جي تاريخ (ساهتيه اڪادمي انعام مليل) ١٩٦٨

١٦- جراليءَ جا جذبا، پيريءَ جون يادون (نظماڻو نثر) ١٩٧٥